مدني مرڪزن (فيضانِ مدينه) ۾ شعبہ امام مسجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
3 جولاءِ 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ 17 محرم شريف 1448ھ) جي جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# نماز جي ذريعي مدد گهرو....!

هن بيان ۾ توهان ڇاٽي سگهندؤ...

✿... نماز ۽ نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ
✿... اهو اصل ۾ نمازي ئي ناهي...!!
✿... اسان کي نماز سان راحت پهچايو!
✿... تيز برسات پئي... ڪيئن؟ (واقعو)

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم:

اِنَّكُمْ تُعْرَضُوْنَ عَلَيَّ بِاَسْمَائِكُمْ وَسِيْمَاكُمْ فَاَحْسِنُوا الصَّلَاةَ عَلَيَّ

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: بيشڪ توهان جا نالا توهان جي سڃاڻپ سميت مون تي پيش ڪيا ويندا آهن، تنهنڪري مون تي احسن (يعني بهترين لفظن ۾) درودِ پاڪ پڙهو. (1)

تحفه رُوحِ نبی کو پہنچاؤ
جتنا پہنچا سکو دُرود شریف

جاکے وہاں پیش ہو گا نام بنام
جس قدر جس کا ہو دُرود شریف

گر پڑھیں صدقِ دل سے کافی ہے
جُملہ حاجات کو دُرود شریف (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1...مصنف عبدالرزاق، الاول من كتاب الصلاة، باب الصلاة على النبی، جلد:2، صفحہ:140، حديث:3116۔

2...نور ایمان، صفحہ:39 ملتقطًا۔

قَالَ اللّٰہُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰی فِی الْقُرْآنِ الْکَرِیْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ اسْتَعِیْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِؕ-وَ اِنَّهَا لَكَبِیْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِیْنَۙ (45)

(سيپارو: 1، البقرة: 41)

صَدَقَ رَسُوْلُہُ النَّبِیُّ الْکَرِیْم صلّی اللہ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم

**ترجمو ڪنز العرفان:** ۽ صبر ۽ نماز ڪان مدد حاصل ڪريو ۽ بيشڪ نماز ضرور ڀڳوري آهي پر انهن تي جيڪي دل سان مون ڏانهن جهڪن ٿا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## آيت سڳوريءَ جو مرڪزي مضمون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پهرئين سيپاري ، سورت البقره جي آيت 45 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. هيءَ تمام ايمان افروز آيتِ سڳوري آهي. بنيادي طور تي هن ۾ اِستعانت (يعني مدد گهرڻ) جو مسئلو بيان ڪيو ويو آهي. اچو! پهريان آيتِ سڳوري ترجمي سان گڏ ٻڌون ٿا، پوءِ ان جي وضاحت ۽ ان مان ملندڙ سبق سکنداسين. الله پاڪ فرمايو:

وَاسْتَعِيْنُوْا

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ مدد حاصل ڪريو. (پارو:1، البقرة:45)

هتي بہ ڪلام جو رخ بني اسرائيل ڏانهن آهي، ڪين حڪم ٿيو: استعانت ڪيو! يعني مدد گهرو...!!

ڪهڙي طرح گهرڻي آهي؟ ارشاد فرمايو:

بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ

ترجمو: صبر ۽ نماز سان. (پارو:1، البقرة:45)

يعني اي بني اسرائيل! توهان مدد گهرو! ۽ ان مدد گهرڻ جا 2 طريقا آهن: (1): صبر (2): نماز. يعني انهن ٻن طريقن سان مدد گهرو...!![1]

وڏيڪ فرمايو:

وَاِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ۙ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ نماز ضرور ڳري آهي پر انهن تي جيڪي دل سان منهنجي طرف جهڪن ٿا. (پارو:1، البقرة:45)

يعني نماز پڙهڻ، ان ذريعي مدد گهرڻ، آهي ته تمام ڏکيو ڪم...!! هي آسان صرف ان جي لاءِ هوندو آهي، جنهن جي دل الله پاڪ جي محبت ۽ ان جي خوف سان ڀريل هوندي آهي. تنهنڪري پنهنجي دل ۾ الله پاڪ جي محبت به وڌايو! ان جو خوف به پيدا ڪيو! پوءِ نماز ۽ صبر جي ذريعي الله پاڪ کان مدد گهرو...!!

| | |
|---|---|
| صبر سے اور نمازوں سے چاہو مدد | پُوری کرواۓ ہر ایک حاجت نماز |
| خُوب نفلوں کے سجدوں میں مانگو دُعا | پُوری کرواۓ گی ربّ سے حاجَت نماز |

[1] تفسير نعيمى، پاره:1، سورهٔ بقرة، زير:45، جلد؛1، صفحه:350۔

# آيت سڳوري مان ملندڙ سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ هڪ آيت جيڪا اسان ٻڌي، ان مان اسان کي گهڻو ڪجهه سبق سکڻ لاءِ ملي ٿو:

## (1): نمازءِ نعتِ مصطفيٰ

پهرين ڳالهه ته اهو غور فرمايو! ته بني اسرائيل کي هتي مدد گهرڻ جو حڪم ڏنو ويو، سوال ذهن ۾ اهو ٿو اڀري ته مدد ڪهڙي ڳالهه تي گهرڻي آهي؟

ڏسو! جڏهن بہ مدد گهرڻ جو عمل هوندو آهي ته ان ۾ 4 شيون ضرور هونديون آهن: (1): هڪ آهي اها هستي جنهن کان مدد گهري وڃي، ان کي مُسْتَعَان چئبو آهي (2): ٻيو آهي مدد گهرڻ وارو، ان کي مُستَعين چئبو آهي (3): ٽين شيءِ آهي اهو ذريعو، اهو رستو، اهو طريقو جنهن جي ذريعي مدد گهري وڃي، ان کي 'مُستَعان بِهٖ چئبو آهي (4): چوٿين شيءِ آهي اها مشڪل، اها پريشاني، اها ضرورت جنهن تي مدد گهري وڃي، ان کي مُستَعانعَلَيه' چئبو آهي.

مثال طور فرض ڪريو ته هڪ شخص بيمار آهي. هاڻي هو دعا لاءِ هٿ کڻي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪري ٿو: اي الله پاڪ! تون شفا ڏيڻ وارو آهين، مون کي شفا نصيب فرماءِ.

هن مثال ۾ ◈ جيڪو بيمار آهي، اهو 'مستعين' (مدد گهرڻ وارو) آهي. جنهن کان شفا گهري پئي وڃي، اهو رب ڪائنات 'مستعان' آهي.

بيماري جنهن مان شفا گهري پئي وڃي، اها 'مستعان عليه' آهي. ۽ ان شخص مدد لاءِ جيڪو رستو اختيار ڪيو، اها دعا مُسْتَعَانٌ بِهِ آهي. هاڻي آيتِ سڳوري ٻڌو! الله پاڪ فرمايو:

وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ صبر ۽ نماز کان مدد حاصل ڪيو.

يعني اي بني اسرائيل! مدد چاهيو! صبر جي ذريعي ۽ نماز جي ذريعي.

هاڻي هتي مدد گهرڻ وارا آهن: بني اسرائيل. جنهن کان مدد گهري ويندي، اهو آهي: الله پاڪ. مدد گهرڻ جو ذريعو آهي: صبر ۽ نماز. پر اها مشڪل، اها پريشاني، اها ضرورت ڪهڙي آهي جنهن تي مدد گهرڻي آهي؟

هن ڳالهه کي ٿورو توجهه سان سمجهجو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ايمان تازو ٿيندو. الله پاڪ بني اسرائيل کي فرمايو: صبر ۽ نماز ذريعي مدد گهرو! مدد ڪهڙي ڳالهه تي گهرڻي آهي؟ ان کي سمجهڻو آهي. ٿورو هن آيت کان اڳ واريون آيتون ٻڌو! بني اسرائيل سان اها ڳالهه ٿي رهي هئي ته: اي بني اسرائيل! الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪڻي آيا آهن، ان تي ايمان آڻيو! ان جو ڪلمو پڙهو! انهن جي دامنِ ڪرم سان چنبڙي وڃو! ۽

وَلَا تَلۡبِسُوا الۡحَقَّ بِالۡبَاطِلِ وَ تَكۡتُمُوا الۡحَقَّ وَ اَنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ

(پارو:1، البقرة:42)

ترجمو كنز العرفان: ۽ حق کي باطل سان نہ ملايو ۽ ڄاڻي واڻي حق کي نہ لڪايو.

يعني اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جون اهي نعتون، اهي اوصاف ۽ ڪمالَ جيڪي اسان تورات شريف ۾ ذڪر فرمايا آهن، اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي انهن نعتن کي نہ لڪايو! انهن نعتن ۾ پنهنجي طرفان غلط ڳالهيون شامل نہ ڪريو! بلڪ اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جون نعتون وڏي جوش ۽ جزبي سان ماڻهن جي سامهون بيان ڪري ڇڏيو! (1)

هتي اچي بني اسرائيل کي مشڪل پيش اچي ٿي، جڻ تہ اهي چون ٿا: جيڪڏهن اسان نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ بيان ڪيون تہ اسان جون سرداريون هليون وينديون، اسان جا عهدا ختم ٿي ويندا، اسان جا نذرانا بند ٿي ويندا، تنهنڪري اسان جي همت نٿي ٿئي، اسان نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪا تورات ۾ ذڪر ڪئي وئي آهي، ان جو چرچو ڪيئن ڪيون؟ هي تہ تمام ڏکيو ڪم آهي...! هي هئي مشڪل...!! الله پاڪ کين ان مشڪل جو حل ڏنو، فرمايو:

وَاسۡتَعِيۡنُوۡا بِالصَّبۡرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ صبر ۽ نماز کان مدد گهرو

---

1...جلالين مع حاشيہ صاوي، پاره:1،سورۂ بقرة، زير آيت:42، جز:1، جلد:1، صفحہ:67۔

يعني اي بني اسرائيل! اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي نعتن جو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي اوصاف ۽ ڪمال جو ذڪر ڪرڻ جي توهان کي همت نٿي ٿئي، حوصلي جي گهٽتائي آهي، تہ پوءِ توهان نمازون پڙهندا ڪيو! صبر جي ذريعي مدد گهرو ! ان نماز ۽ صبر جي برڪت سان توهان جي دل ۾ نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ڪرڻ جي همت اچي ويندي. (1)

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏي ايمان افروز ڳالھ آهي، ان مان معلوم ٿيو تہ نماز اها اعليٰ ترين عبادت آهي، جيڪا الله پاڪ جو قرب بہ ڏياري ٿي ۽ نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، اوصافِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ۽ ڪمالاتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ڪرڻ جي همت بہ ڏياري ٿي.

## اهو اصل ۾ نمازي ئي ناهي...!!

هڪ تمام وڏو مفسر آهي: علامہ بُقاعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پاڻ هن مقام تي تمام پياري ڳالھ لکي آهي، فرمائن ٿا: هن آيت مان اشارتاً معلوم ٿيو تہ جنهن جي نماز ڪيس باطل ڪان روڪي نٿي سگهي، هن حق (يعني نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، ڪمالاتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، اوصافِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) جي ذڪر ڪرڻ تي نٿي اڀاري، اهو ڀانهو جيتوڻيڪ رڪوع تہ ڪري ٿو، سجدو بہ ڪري ٿو، پر ان جي نماز، سچي نماز ناهي. (2)

شَوق تیرا اگر نہ ہو میری نماز کا اِمام | میرا قیام بھی حِجاب، میرا سُجود بھی حِجاب

1⋯ نظم الدرر، پاره:1، سورة بقرة، زير:45، جلد:1، صفحہ:125 مفصلًا۔
2⋯نظم الدرر، پاره:1، سورة بقرة، زير:45، جلد:1، صفحہ:125 خلاصةً۔

وضاحت: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن اوهان جي محبت، اوهان جو شوق، اوهان جو عشق دل ۾ نہ هوندو تہ نماز جون حقيقي برڪتون ظاهر نہ ٿينديون. ان وقت تائين قيام بہ هڪ پردو رهندو ۽ سجدو بہ غفلت وارو هوندو.

اي عاشقانِ رسول! هيءَ غور ڪرڻ جي ڳالھ آهي، اسان الحمد لله! نماز پڙهون ٿا، هر ڪو پنهنجو پاڻ تي غور ڪري: ◈چا نماز پڙهي اسان جي دل ۾ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم وڌندو آهي؟ ◈چا نماز پڙهڻ سان اسان جي دل ۾ عظمتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ۾ اضافو ٿئي پيو؟ ◈چا نماز پڙهڻ سان اسان جي دل ۾ نعت ۽ اوصافِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ٻڌڻ جو شوق ايري پيو؟ جيڪڏهن هي شوق، هي عشق، هيءَ محبت نصيب ٿي رهي آهي تہ اسان جي نماز اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت ۾ اسان جي نجات جو ذريعو بڻجي ويندي. پر جيڪڏهن صورتحال اهڙي آهي تہ نمازون تہ پڙهون ٿا پر مَعَاذَاللّٰه! دل ۾ جيڪو عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هو، اهو بہ گهٽجي رهيو آهي، تہ پوءِ اسان کي پنهنجي نمازن جو فڪر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

تیرا امام بے حُضور، تیری نماز بے سُرور | ایسی نماز سے گُزر، ایسے اِمام سے گُزر

وضاحت: يعني اهو امام جيڪو نماز تہ پڙهائي ٿو پر عاشقِ رسول ناهي، الله ۽ رسول جي محبت سان سرشار ناهي، ۽ اهڙي نماز جنهن ۾ عشق ۽ محبت جو سرور ناهي، اهڙي نماز کان اڳتي وڌ، اهڙي جي پويان نماز پڙهو جيڪو الله ۽ رسول جي محبت سان سرشار

هجي، تنهنڪري نماز بہ عشق ۽ محبت سان پڙهندا ڪيو...!

الله پاڪ اسان کي پڪو سچو نمازي بڻائي ۽ ان نماز جي برڪت سان اسان کي عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي دولت نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## هڪ اهم وضاحت

هتي هڪ اهم وضاحت ڪري ڇڏيان، هڪ تہ نعت اها آهي جيڪا اسان وٽ نعت خوان سڳورا طرز سان پڙهندا آهن ۽ اها بہ الحمد لله! نعت ئي آهي. پر هتي جنهن نعت جو ذڪر ٿي رهيو آهي، ان مان مراد پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا اهي اوصاف ۽ ڪمالات آهن، جيڪي تورات شريف ۾ بيان ٿيل هئا.

## (2): نماز بہ مددگار آهي، نمازي بہ مددگار آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ صبر ۽ نماز ڪان مدد حاصل ڪيو.

هن مقام تي هڪ تمام وڏو ڪمال وارو نڪتو آهي، ڏسو! الله پاڪ فرمايو: نماز ڪان مدد گهرو ! سوال هي آهي: ◈نماز ڇا آهي؟ ◈ڇا نماز ڪنهن شيءِ جو نالو آهي؟ ◈ڇا نماز ڪنهن شخص جو نالو آهي؟ ◈ڇا ڪنهن هستي جو نالو آهي؟ پاڻ ڪان پڇا ڪيو! ◈ڇا

ڪڏهن توهان نماز ڏٺي آهي؟ نمازي تہ ڏٺو هوندو، نماز نہ ڏٺي هوندي. ◈نماز هڪ عمل جو نالو آهي. ◈هڪ ٻانهو الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندو آهي، ◈ڪڏهن قيام ڪندو آهي، ◈ڪڏهن رڪوع، ◈ڪڏهن سجدو. ◈الله پاڪ جو ذڪر ڪندو آهي، ◈ان جي پاڪائي بيان ڪندو آهي، هن عمل جو نالو نماز آهي. غور جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن نماز جيڪا هڪ عمل آهي، اهو مددگار ٿي سگهي ٿو، ان مان مدد گھري سگهجي ٿي، تہ پوءِ اهو ٻانهو جيڪو قيام ۾ بيٺل آهي، جيڪو رڪوع ۽ سجدا ڪري رهيو آهي، آخر اهو ٻانهو مددگار ڇو نٿو ٿي سگهي؟ ان ٻانهي کان مدد ڇو نٿي حاصل ڪري سگهجي؟

ٿورو وڌيڪ واضح ڪيان تہ چئي ڇڏيو! ◈جڏهن نماز کان مدد گھري سگهجي ٿي تہ اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪي ڪائنات جا سڀ کان وڏا نمازي آهن، انهن کان مدد ڇو نٿي گھري سگهجي؟ ◈ جيڪڏهن نماز مان مدد گھري سگهجي ٿي تہ صحابہ ڪرام جيڪي امام الانبياء جي پويان نمازون پڙهڻ وارا آهن، انهن کان مدد ڇو نٿي گھري سگهجي؟ ◈جيڪڏهن نماز مان مدد گھري سگهجي ٿي تہ غوثِ پاڪ جن 40 سال عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا فرمائي، اهڙي باڪمال نمازي کان مدد ڇو نٿي گھري سگهجي؟

اهڙي طرح ◈داتا حضور، ◈خواجہ غريب نواز، ◈اعليٰ حضرت، ◈بابا فريد، ◈حضرت سلطان باهو رحمهم الله جيڪي يقيني طور نمازي هئا، پڪا نمازي هئا، انهن کان مدد ڇو نٿي گھري سگهجي؟

جيڪڏهن نماز مددگار آهي، تہ اهڙا باڪمال نمازي بہ الله جي عطا سان ضرور مددگار آهن.

انڪري نماز کان بہ مدد گهري سگهجي ٿي ۽ الله جي انهن نيڪ ٻانهن کان بہ مدد گهري سگهجي ٿي. ان ۾ ڪو حرج ناهي.

بے کسوں کے ہو مدد گار رسولِ عَرَبی
غمزدوں کے بھی ہو غمخوار رسولِ عَرَبی

مُشکلیں میری ہوں آسان برائے مُرشِد
میرے حامی، مرے غمخوار رَسُولِ عَرَبی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3): نماز کان مدد گهرو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ سڳوري بابت ڪجھ اهم وضاحتون آهن. مرڪزي طور تي هن آيت ۾ صبر ۽ نماز ذريعي مدد گهرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ ◈ڪا بہ مشڪل هجي، ◈پريشاني هجي، ◈تڪليف هجي، ◈ڪاروبار بند ٿي ويو هجي، ◈ نوڪري نہ ملي رهي هجي، ◈ گهر جا حالات نيڪ نہ هجن، ◈ گهر ۾ جهيڙا هجن، ◈بيماري اچي وئي هجي، ◈قرض هجي، ڪا بہ مشڪل هجي، اسان کي نماز کان مدد وٺڻ گهرجي.

## جڏهن بارگاهِ رسالت ۾ بڪ جي حاضري ٿيندي هئي

صاحبِ تفسير عزيزي هن جاءِ تي بيان فرمايو آهي تہ: الله پاڪ

جي آخري نبي، مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي گهر ۾ جڏهن فاقو هوندو هو ۽ بک غالب ٿيندي هئي ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ تشريف آڻي نماز ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. (1)

## اسان کي نماز ذريعي راحت پهچايو!

اي عاشقانِ رسول! جڏهن ڪا مصيبت اچي وڃي يا ڪو نازڪ معاملو درپيش هجي ته فوراً نماز جو سهارو وٺڻ گهرجي. اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اهم معاملي تي نماز ۾ مشغول ٿي ويندا هئا (2) چو ته نماز تمام ذڪرن ۽ دعائن جو مجموعو آهي، ان جي برڪت سان رنج ۽ غم کان راحت ملندي آهي.

اها ئي وجهه آهي ته ◈ مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمائيندا هئا: اي بلال! اسان کي نماز ذريعي راحت پهچايو (يعني اذان ڏيو ته جيئن اسان نماز پڙهي راحت حاصل ڪريون). (3) ◈ حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن آسمان مان ڪو خوفناڪ آواز ٻڌو ته نماز ڏانهن متوجه ٿيو. (4) ◈ حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا بابت منقول آهي ته بصره ۾ زلزلو آيو ته پاڻ نماز پڙهيائون. (5)

---

1...تفسير عزيزى، پاره:1، سورهٔ بقرة، زير:45، جلد:1، صفحه:438۔

2...ابو داؤد، كتاب الصلاة، باب وقت قيام النبى صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم...الخ، صفحه:216، حديث:1319۔

3... ابو داؤد، كتاب الادب، باب فى صلاة العتمة، صفحه:780، حديث:4986۔

4... سنن الكبرىٰ للبيهقى، كتاب الصلاة الخسوف، باب من استحب...الخ، جلد:3، صفحه:800، حديث:6380۔

5...مرقاة المفاتيح، كتاب الصلاة، باب الصلاة الخسوف، الفصل الثانى، جلد:3، صفحه:541، تحت الحديث:1491۔

## جڏهن پٽ جي وفات جي خبر ملي (واقعو)

حضرت ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ پٽ جي وفات جي خبر ٻڌي نماز ۾ مشغول ٿي ويا ۽ نماز کي ايترو ڊگهو ڪيائون جو جڏهن ماڻهو دفن ڪري موٽي آيا تڏهن سلام ڦيرايائون. ماڻهن ان جي وجهه پڇي ته فرمايائون: مون کي هن پٽ سان تمام گهڻي محبت هئي، مان هن جي جدائي جو ڏک برداشت نه پيو ڪري سگهان، ان ڪري نماز ۾ مشغول ٿي هن صدمي کان بي خبر ٿي ويس ۽ پاڻ اها ئي آيت پڙهيائون: (1)

وَاسۡتَعِيۡنُوۡا بِالصَّبۡرِ وَالصَّلٰوةِ ؕ

ترجمو ڪنز العرفان: صبر ۽ نماز کان مدد حاصل ڪيو.

| | |
|---|---|
| قلبِ غمگین کا سامانِ فرحت نماز | ہے مریضوں کو پیغامِ صحت نماز |
| صبر سے اور نمازوں سے چاہو مدد | پوری کروائے ہر ایک حاجت نماز (2) |

## پٽ کي پوليس ڇڏي ڏنو

حضرت ابو حسن سري سقطي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ پاڙيسري عورت آئي ۽ عرض ڪيائين: اي ابو حسن! رات منهنجي پٽ کي سپاهي پڪڙي کڻي ويا آهن، شايد کيس تڪليف پهچائين، مهرباني ڪري منهنجي پٽ جي سفارش فرمايو. يا ڪنهن کي مون سان گڏ موڪليو. پاڙيسرڻ جي فرياد ٻڌي پاڻ اٿي خشوع ۽ خضوع سان نماز

1… تفسير عزيزى، پاره:1، سورهٔ بقرة، زير:45، جلد:1، صفحه:439ـ
2… وسائلِ فردوس، صفحه:22 ملتقطًاـ

۾ مشغول ٿي ويا. جڏهن ڪافي دير ٿي ته ان عورت چيو: اي ابو حسن! جلدي ڪريو، ڪٿي حاڪم منهنجي پٽ کي قيد ۾ نه وجهي ڇڏي!

پاڻ نماز ۾ مشغول رهيا، پوءِ سلام ڦيرڻ کانپوءِ فرمايائون: اي الله جي ٻانهي! مان تنهنجو معاملو ئي ته حل ڪري رهيو آهيان. اجا اها ڳالهه ٻولهه پئي هلي ته ان پاڙيسرڻ جي خادمه آئي ۽ چوڻ لڳي: بيبي جي! گهر هلو، اوهان جو پٽ گهر اچي ويو آهي. اهو ٻڌي اها عورت تمام گهڻي خوش ٿي ۽ دعائون ڏيندي رواني ٿي وئي. ـ(1)

قيد يو! چاهو براءَت، تم پڑھو دل سے نماز
دور ہو جائے گی آفت، تم پڑھو دل سے نماز

## تيز برسات پئي... ڪيئن؟

خادمِ نبي حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مالهيءَ هڪ دفعي اچي شديد ڏڪار (برساتون نه پوڻ) جي شڪايت ڪئي. پاڻ وضو ڪيائون ۽ نماز پڙهيائون، پوءِ فرمايائون: اي باغبان! آسمان ڏانهن ڏس! ڇا توکي ڪجهه نظر اچي رهيو آهي؟ هن عرض ڪيو: سائين! مون کي آسمان ۾ ڪجهه به نظر نٿو اچي. پاڻ ٻيهر نماز پڙهي پڇيائون، مالهيءَ ساڳيو جواب ڏنو. ٽئين يا چوٿين دفعي جڏهن پڇيائون ته مالهي چيو: هڪ پکيءَ جي کنڀ جيتري بادل جي ٽڪري نظر اچي رهي آهي. پاڻ نماز ۽ دعا ۾ مشغول رهيا تان جو سڄي

---

1...عيون الحكايات، الحكاية الخامسة ولاربعون بعد المائة من مناقب سرى سقطى، صفحہ:164ـ

آسمان ۾ ڪڪر چائنجي ويا ۽ تيز برسات پئي. حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ مالهيءَ کي حڪم ڏنو: ”گهوڙي تي سوار ٿي ڏس ته برسات ڪيستائين پهتي آهي؟“ هن چئني طرفن کان ڏسي اچي ٻڌايو ته هيءَ برسات فلاڻن محلن کان اڳتي نه وڌي آهي. (1)

## چشمو جاري ٿي ويو

حضرت عقبہ بن نافع فهري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو لشڪر آفريقا جي جهادن ۾ هڪ دفعي اهڙي مقام تي پهتو جتي پاڻي جو نالو نشان نه هو، لشڪر اڃ جي شدت کان پريشان ٿي ويو. حضرت عقبہ بن نافع رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ 2 رڪعت نماز پڙهي دعا لاءِ هٿ کنيا، اڃا دعا ختم نه ٿي هئي ته سندن گهوڙو پنهنجي سنب (کُر) سان زمين کوٽڻ لڳو. پاڻ ڏٺائون ته مٽي هٽي وئي هئي ۽ هڪ پٿر نظر پئي آيو. جيئن ئي پٿر هٽايائون، ان جي هيٺان چشمو ڦٽي/اٿلي پيو ۽ ايترو پاڻي نڪتو جو سڄو لشڪر سيراب ٿي ويو، سڀني جانورن به ڍؤ ڪري پاڻي پيتو ۽ لشڪر وارن پنهنجا ٿانوَ پڻ ڀري ورتا، تنهن کان پوءِ ان چشمي کي وهندو ڇڏي لشڪر اڳتي روانو ٿي ويو. (2)

قَطعۂ بے آب ہو، بے چین ہو بے تاب ہو
پیاس کی ہو دُور شدّت، تم پڑھو دِل سے نماز

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1...طبقات ابن سعد، رقم:2837، انس بن مالك بن النضر، جلد:7، صفحه:15.

2...الكامل فى التاريخ، ثم دخلت سنة اثنين و ستين،ذكر ولاية عقبة بن نافع...الخ، جلد:3، صفحه:206.

## زمين مان دينار ڪيندڙ نمازي (واقعو)

حضرت ابوبڪر بن فضل رحمۃاللہعلیہ فرمائي ٿو ته مون جڏهن اصرار ڪري پنهنجي هڪ رومي دوست کان اسلام آڻڻ جو سبب پڇيو ته هن بيان ڪيو: اسان جي ملڪ تي مسلمانن جي لشڪر حملو ڪيو، جنگ لڳي، ڪجهه اسان جا ماڻهو مارجي ويا ۽ ڪجهه انهن جا. مون اڪيلي ڏهن (10) مسلمانن کي قيدي بڻائي ورتو. ملڪِ روم ۾ منهنجو هڪ تمام وڏو گهر هو، مون انهن سڀني کي پنهنجي خادمن جي حوالي ڪري ڇڏيو. انهن کين زنجيرن ۾ جڪڙي، خچرن تي سامان سٽڻ جي ڪم تي لڳائي ڇڏيو.

هڪ ڏينهن مون انهن قيدين تي مقرر هڪ خادم کي ڏٺو ته هن هڪ قيدي کان ڪجهه ورتو ۽ اُن کي نماز پڙهڻ جي لاءِ ڇڏي ڏنائين. مون ان خادم کي پڪڙي ماريو ۽ پڇيو: ٻڌاءِ! تو هن قيدي کان ڇا ٿو وٺين؟ تنهن تي هن ٻڌايو: هي هر نماز جي وقت مون کي هڪ دينار (يعني سون جو سڪو) ڏيندو آهي. مون پڇيو: ڇا وٽس دينار آهن؟ ته هن چيو: نه، پر جڏهن هي نماز کان فارغ ٿيندو آهي ته پنهنجو هٿ زمين تي هڻندو آهي ۽ زمين مان هڪ دينار نڪري ايندو آهي جيڪو هي مون کي ڏئي ڇڏيندو آهي! (خادم جي ڳالهه ٻڌي) مون کي شوق ٿيو ته مان هن معاملي جي حقيقت معلوم ڪريان. تنهنڪري جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو ته مان ان خادم جي وردي پائي ان جي جاءِ تي ويهي رهيس.

جڏهن ظهر جو وقت ٿيو ته ان قيدي مون کي اشارو ڪيو ته مون

کي نماز پڙهڻ ڏي تہ مان توکي هڪ دينار ڏيندس. مون چيو: مان ٻن دينارن کان گھٽ نہ وٺندس. هن چيو: نيڪ آهي. مون کيس کولي ڇڏيو، هن نماز پڙهي. جڏهن فارغ ٿيو تہ مون ڏنو تہ هن پنهنجو هٿ زمين تي هنيو ۽ اتان کان نوان ٻہ دينار ڪڍي مون کي ڏئي ڇڏيا. جڏهن عصر جو وقت ٿيو تہ هن مون کي پھرين وانگر اشارو ڪيو. مون کيس اشارو ڪيو تہ مان پنجن دينارن کان گھٽ نہ وٺندس. نماز جو اهو عاشق مجي ويو. وري جڏهن مغرب جو وقت ٿيو تہ حسبِ معمول مون کي اشارو ڪيائين، مون چيو: مان ڏهن دينارن کان گھٽ نہ وٺندس. هن منهنجي ڳالهہ مجي ورتي. جڏهن نماز کان فارغ ٿيو تہ زمين مان ڏهہ دينار ڪڍي مون کي ڏنائين. پوءِ جڏهن عشاء جي نماز جو وقت ٿيو تہ عادت مطابق هن مون کي اشارو ڪيو، مون چيو: مان ويهن دينارن کان گھٽ نہ وٺندس. تڏهن بہ هن منهنجي ڳالهہ تسليم ڪئي ۽ نماز کان فارغ ٿي زمين مان ويهہ دينار ڪڍيا ۽ مون کي ڏئي چوڻ لڳو: جيڪو گھرڻو اٿئي گھر! منهنجو مالڪ وڏو غني ۽ ڪريم آهي، مان ان کان جيڪو گھرندس هو عطا ڪندو. ان جو هي معاملو ڏسي مون کي يقين ٿي ويو تہ هي الله پاڪ جو مقرب ٻانهو ۽ ولي آهي، مون تي ان جو رعب طاري ٿي ويو ۽ مون کيس زنجيرن کان آزاد ڪري ڇڏيو ۽ اها رات مون روئي گذاري. جڏهن صبح ٿيو تہ مون کيس گھرائي سندس تعظيم ۽ تڪريم ڪئي، کيس پنهنجو پسنديده نئون لباس پارايو ۽ کيس اختيار ڏنو تہ هو چاهي تہ اسان جي شهر ۾ عزت واري مڪان يا محل ۾ رهي ۽ چاهي تہ پنهنجي شهر هليو وڃي. هن پنهنجي شهر وڃڻ پسند

ڪيو. مون سواري ۽ رستي جو خرچ ڏئي ڪيس سوار ڪيو. هن مون کي دعا ڏني: اللّٰہ پاڪ پنهنجي پسنديده دين تي تنهنجو خاتمو فرمائي. ان جو هي جملو اڃا مڪمل نہ ٿيو هو تہ منهنجي دل ۾ دينِ اسلام جي محبت گھر ڪري وئي. پوءِ مون پنهنجا ڏھ غلام ساڻس گڏ موڪليا ۽ کين حڪم ڏنو تہ ڪيس نهايت احترام سان وٺي وڃو. ڪيس هڪ مس ۽ ڪاغذ ڏنو ۽ هڪ نشاني مقرر ڪئي تہ جڏهن هو خيريت سان پنهنجي شهر پهچي وڃي تہ اها نشاني لکي مون ڏانهن موڪلي.

اسان جي ۽ سندس شهر جي وچ ۾ پنجن ڏينهن جو مفاصلو هو. جڏهن ڇهون ڏينهن آيو تہ منهنجا خادم مون وٽ واپس آيا، انهن وٽ خط هو جنهن ۾ ان جو خط ۽ اها نشاني موجود هئي. مون پنهنجي غلامن کان جلدي پهچڻ جو سبب پڇيو تہ هنن ٻڌايو تہ جڏهن اسان ساڻس گڏ هتان نڪتاسين تہ اسان ڪنهن بہ ٿڪاوٽ ۽ مشقت کان سواءِ تمام گھٽ وقت ۾ اتي پهچي وياسين، پر واپسيءَ تي اهو ئي سفر اسان پنجن ڏينهن ۾ طئي ڪيو. سندن هيءَ ڳالھ ٻڌندي ئي مون ڪلمو پڙهيو: اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ وَاَنَّ دِيْنَ الْاِسْلَامِ حَقٌّ. (ترجمو: مان شاهدي ڏيان ٿو تہ اللّٰہ ڪانسواءِ ڪو بہ معبود ناهي ۽ مان شاهدي ڏيان ٿو تہ بيشڪ حضرت محمد (مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اللّٰہ پاڪ جا رسول آهن ۽ بيشڪ دينِ اسلام حق آهي.) پوءِ مان روم مان نڪري مسلمانن جي شهر ۾ اچي ويس. (1)

1...الروض الفائق، المجلس الخامس عشر فی مناقب الاولياء، صفحہ:95۔

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي ڪيڏا نہ سبق آموز واقعا آهن. انهن مان اسان کي هي درس ملي ٿو تہ قرآنِ ڪريم اسان کي جيڪو نسخو عطا فرمايو آهي، يعني ارشاد ٿيو:

وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ (پاره:1، البقرة: 45)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ صبر ۽ نماز کان مدد حاصل ڪريو.

هن نسخي ۾ وڏي طاقت آهي، ڪهڙي بہ مشڪل هجي، ڪهڙي بہ پريشاني هجي، هن نسخي تي عمل ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! فائدو نصيب ٿيندو.

نماز ۾ شفا آهي ۽ هي بہ ياد رکو! تہ نماز رڳو روحاني مرضن مان ئي شفا نہ ٿي ڏئي، پر ڪا بہ بيماري اچي وڃي جيئن اڄڪلهہ ڪيتريون ئي نيون نيون ۽ خطرناڪ بيماريون اچي رهيون آهن، ڪنهن کي ڪينسر آهي، ڪنهن کي هيپاٽائيٽس آهي، ڪو ويچارو شگر جو مريض آهي، ڪنهن جو ڪوليسٽرول وڌيل آهي مطلب تہ ڪهڙي بہ بيماري هجي، ان جو ڊاڪٽر کان علاج بہ ضرور ڪرايو! پر ان سان گڏوگڏ نماز ذريعي مدد گهرڻ هرگز نہ وساريو! الحمد لله! نماز باطني بيمارين کان بہ نجات ڏياري ٿي ۽ جسماني مرضن کان شفا جو ذريعو پڻ آهي.

حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ بيان فرمائي ٿو تہ هڪ ڀيرو مان نماز پڙهي سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن جي ويجهو ويهي رهيس، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇا تنهنجي پيٽ ۾ سور آهي؟ مون

عرض ڪيو: جي ها! فرمايائون: ”قُمْ فَصَلِّ، فَاِنَّ فِی الصَّلَاۃِ شِفَآءً“ يعني اٿ ۽ نماز پڙهه، ڇو تہ نماز ۾ شفا آهي. (1)

بے عدد اَمراض سے محفوظ رکھے گی تمہیں

حق سے دِلوائے گی صحت، تم پڑھو دِل سے نماز

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيمارين کان شفا وغيره بابت 21 مدني گل

مختلف تحقيقات موجب: (1) نماز دل، معدي ۽ آنڊن وغيره جي مرضن ۾ شفا ڏئي ٿي. (2) نماز سور ۽ غم جو احساس وساري ڇڏي ٿي يا گهٽ ڪري ڇڏي ٿي. (3) نماز ۾ بهترين ورزش آهي، ڇو تہ ان جي قيام، رڪوع ۽ سجدن وغيره سان جسم جا اڪثر جوڙ (Joints) حرڪت ڪندا آهن. (4) نزلي ۽ زڪام جي مريض لاءِ ڊگهو سجدو نهايت فائدي مند آهي. (5) سجدي سان بند نڪ کلي پوندو آهي. (6) آنڊن ۾ گڏ ٿيندڙ غير ضروري مواد کي حرڪت ڏئي نيڪال ڪرڻ ۾ سجدو ڪافي مددگار ثابت ٿئي ٿو. (7) نماز سان ذهن صاف ٿئي ٿو ۽ غصي جي باهہ وسامي وڃي ٿي. (8) نماز رزق آڻي ٿي. (9) صحت جي حفاظت ڪري ٿي. (10) تڪليف دور ڪري ٿي. (11) بيماري ڀڃائي ٿي. (12) دل جي قوت وڌائي ٿي. (13) خوشيءَ جو سامان بڻجي ٿي. (14) سستي دور ڪري ٿي. (15) شرحِ صدر ڪري

1...ابن ماجہ، ڪتاب الطب، باب الصلاۃ شفاء، صفحہ:560، حديث:2458.

تي، يعني سينو کولي ٿي. (16) روح کي غذا فراهم ڪري ٿي. (17) دل روشن ڪري ٿي. (18) چهرو چمڪائي ٿي. (19) برڪت آڻي ٿي. (20) خدائي رحمان جي ويجهو پهچائي ٿي. (21) شيطان کي پري ڀڄائي ٿي.

(هي فائدا صرف ان صورت ۾ حاصل ٿي سگهن ٿا، جڏهن نماز پوريءَ ريت تسلي، سڪون ۽ اطمينان سان درست طريقي سان ادا ڪئي وڃي). [1]

دور ہوں بیماریاں، بے کاریاں، ناکامیاں
دِل میں داخِل ہو مُسرت، تم پڑھو دل سے نماز

## نمازِ غوثيہ پڙهندا ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو! ائين تہ جيڪا بہ نماز پڙهندؤ، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! الله ڪريم جي مدد نصيب ٿيندي، پر جيڪڏهن ڪا وڏي پريشاني يا مشڪل اچي وڃي تہ ان لاءِ شريعت ”نمازِ حاجات“ پڙهڻ جو بہ درس ڏنو آهي. نمازِ حاجات پڙهڻ جا ڪيترائي طريقا آهن، مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”فضائلِ دعا“ ۾ نمازِ حاجات جا ڪافي طريقا لکيل آهن، انهن مان هڪ ”نمازِ غوثيہ“ بہ آهي، نمازِ غوثيہ ڪنهن بہ غير مڪروهہ وقت ۾ پڙهي سگهجي ٿي، پر وڌيڪ بهتر هي آهي تہ مغرب جي نماز کان پوءِ 2 رڪعتون نفل پڙهجن. هر رڪعت ۾ سورة الاخلاص 11-11 ڀيرا پڙهي وڃي، پوءِ سلام ڦيرائڻ کان پوءِ 11

1…فضائلِ دعا، صفحہ:309 خلاصةً۔

پيرا درود پاڪ پڙهجي، ان کان پوءِ بغداد شريف جي طرف 11 قدم هلي غوثِ پاڪ کي پڪارجي (سڏ ڪجي)، پوءِ سندن وسيلي سان دعا گهري وڃي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! حاجت پوري ٿيندي.

آپ جیسا پیر ہوتے کیا غَرَض دَر دَر پھروں
آپ سے سب کچھ ملا یاغوثِ اعظم دسْتْ گیر!

## نماز غوثيه آزمايل عمل

حضرت علامہ علي قاري رحمۃ اللہ علیہ فرمائي ٿو: وَقَدْ جُرِّبَ ذٰلِكَ مِرَارًا فَصَحَّ يعني ڪيترائي پيرا نمازِ غوثيه جو تجربو ڪيو ويو، جيڪو درست ثابت ٿيو (يعني مقصد پورو ٿيو). (1)

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا
اُونچے اُونچوں کے سَروں سے قدَم اعلیٰ تیرا(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي پڄاڻيءَ طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪيان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهميءَ جي نشاندهي)

مسئلو: نماز ۾ ”ڪَفِ ثوب“ (يعني ڪپڙو سميٽڻ يا ويڙهڻ) مڪروه

1…نزہۃ الخاطر، صفحہ:67۔
2…حدائقِ بخشش، صفحہ:19۔

تحريمي، ناجائز ۽ گناھ آھي.

وضاحت: اسان جي معاشري ۾ ھيءَ تمام عام غلطي آھي ◈ عام طور تي ماڻھو نماز شروع ڪرڻ کان پھريان شلوار کي نيفي کان پڪڙي موڙي (Fold) وٺندا آھن ◈ جيڪي پينٽ پائيندڙ آھن، اھي پينٽ جا پائينچا موڙي چڙھيندا آھن ◈ ائين ئي ڪڏھن وضو دوران ٻانھون مٿي چاڙھيندا آھن تہ انھن کي ٻيھر ھيٺ ڪرڻ کانسواءِ ئي ائين ئي نماز شروع ڪري وٺندا آھن، ھي سڀ صورتون ”ڪَفِ ثوب“ (يعني ڪپڙو سميٽڻ) ۾ اچن ٿيون.

**حديثِ پاڪ** ۾ ان کان منع ڪئي وئي آھي، بخاري شريف ۾ آھي: ”وَلَا نَكُفُّ ثَوْبًا“ يعني اسان کي حڪم ڏنو ويو تہ اسان ڪپڙو نہ سميٽيون. ياد رکو! نماز ۾ ڪفِ ثوب مڪروھ تحريمي، ناجائز ۽ گناھ آھي، اھڙي طرح پڙھيل نماز مڪروھ تحريمي ۽ واجب الاعاده ھوندي، اھڙي طرح پڙھيل نماز کي ٻيھر پڙھڻ واجب آھي.[1]

نوٽ: پيڏيون ظاھر ڪرڻ سنت آھي[2]، پر ھيءَ سنت نماز جي ناھي بلڪ لباس جي آھي. اھڙي طرح نماز پڙھڻ جو پيڏيون ڍڪيل ھجن، مڪروھ تنزيھي آھي، يعني اھڙي طرح نماز پڙھڻ ۾ گناھ ناھي، نماز ٿي ويندي، پر ائين ڪرڻ برو آھي. اسان کي کپي تہ پيڏيون ظاھر رکڻ جي سنت تي عمل ڪرڻ لاءِ شلوار ننڍي سبيرايون تہ جيئن ڪپڙو موڙڻ جي نوبت ئي نہ اچي.

---

1...فتاویٰ خليله، جلد:1، صفحه:246 خلاصةً۔

2...مرآة المناجيح، جلد:6، صفحه:94 خلاصةً۔

الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اسماءِ حسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَابَدِيۡعُ (اي نئون بڻائيندڙ!)

جڏهن ڪنهن کي ڪو تمام ڳورو يا مشڪل ڪم درپيش هجي ته 70 هزار ڀيرا "يَابَدِيۡعُ" پڙهي، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ان ۾ ڪاميابي ملندي. (1) الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا 4فرمائي.

اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…مَدَنی پنج سوره، صفحه:259۔